معني آهي پهچائڻ. (1)

جڏهن نبي ڪريم عليہ السلام کي رسالت ۽ نبوت عطا ٿي ته ان وقت ڪوبہ ٻيو مسلمان يا اسلام جو مڃيندڙ ڪونہ هو. سڀ کان پهريون پاڻ ڪريم عليہ السلام گهرياتين کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ حضرت بي بي خديجہ رضہ اسلام قبول ڪرڻ ۾ سڀني مردن توڙي عورتن کان گوءِ کٽي وئي جيئن الدرالمنثور ۾ آهي:

"اول امراة تزوجها النبی صلی الله علیه وسلم فی امرہ بل اول انسان اسلم لم یسلم قبلها احد لاذکر ولا انثیٰ" (2) **نبي ڪريم عليہ السلام ان سان (بي بي خديجہ رضہ) سان سڀ کان پهريون شادي ڪئي ۽ اها انسان مان پهرين هئي جنهن اسلام قبول ڪيو، ان کان پهريون ڪنهن بہ مرد يا عورت اسلام قبول ڪونہ ڪيو هو.**

۽ پوءِ نبي ڪريم عليہ السلام جي نياڻين بہ اسلام قبول ڪيو. جيئن امام ابن مدين لکيو آهي:

"زينب، وهی اکبر بناته صلی الله علیه وسلم واسلمت هی واخواتها حين اسلمت امهن" (3) **حضرت زينب نبي ڪريم عليہ السلام جي وڏي نياڻي هئي انجي ڀينرن پنهنجي امڙ (بي بي خديجہ رضہ) سان گڏ اسلام قبول ڪيو.**

بعد ۾ اسلام جي دعوت جي دعوت عام ٿي ۽ نبي ڪريم عليہ السلام جي متن مائٽن سان گڏ ٻين ماڻهن تائين اسلام جو پيغام پهچايو ويو. (4)

۽ ائين ڏسندي ڏسندي اسلام جو دائرو وڏي ورڻ ٿيو.

نبي ڪريم عليہ السلام پنهنجي گهرياتين ۽ رشتيدارن کان پوءِ ٻين غير مسلمن ۾ جيڪو تبليغ جو طريقو اپنايو ان جو مکيہ تذڪرو هن مقالي ۾ ڏجي ٿو.

**عام ڪافرن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ:** نبي ڪريم عليہ السلام پنهنجن پراون، ايندڙ ويندڙ ۽ ملڻ جلڻ وارن کي اسلام جي دعوت ڏيندا هئا. ۽ انهن جي دعوت وڏي اثرائتي هوندي هئي، جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو اسلام جي دائري ۾ اچي داخل ٿيا.

پاڻ ڪريم عليہ السلام پنهنجي مٿن مائٽن سان گڏ قريش وارن کي بہ اسلام جي دعوت ڏني. "ان رسول الله صلى الله عليه وسلم دعا قريشا الى الاسلام" (5)

هڪ ٻئي حديث مبارڪ ۾ آهي: "عن حارث بن ابى ضرار الخزاعى قال قدمت على رسول الله صلى الله عليه وسلم فدعانى الى الاسلام فدخلت فيه واقررت به فدعانى الى الزكواة فاقررت بها وقلت يا رسول الله! ارجع الى قومى فادعوهم الى الاسلام واداء الزكواة- فمن استجاب لى جمعت زكاته- " (6) **حارث بن ضراره خزاعي رضہ کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم عليہ السلام سان مليس تہ پاڻ مونکي اسلام جي دعوت ڏنائون، جيڪا مون قبول ڪئي. پوءِ مونکي زڪوات جي ادائگيءَ لاءِ چياٿون جنهن جي ادائگيءَ جو مون اقرار ڪيو. پوءِ مون نبي ڪريم عليہ السلام کي عرض ڪيو تہ الله جا رسول! مان پنهنجي قوم ڏانهن وڃي انهن کي اسلام جي دعوت ڏيندس ۽ زڪوات لاءِ چوندس. پوءِ جن ماڻهن دعوت قبول ڪئي انهن کان زڪوات وٺي جمع ڪندس.**

حضرت بشير بن خصاصيہ رضہ جو واقعو آيل آهي: "عن بشير بن الخصاصية قال: اتيت رسول الله صلى الله عليه وسلم فدعانى الى الاسلام، ثم قال لى: ما اسمك؟ قلت: نذير- قال بل انت بشير" (7) **حضرت بشير رضہ جو چوڻ آهي تہ مون رسول الله صلي الله عليہ وسلم وٽ آيس تہ مونکي اسلام جي دعوت ڏنائون. پوءِ فرمايائون تنهنجو ڇا نالو آهي؟ مون چيو نذير. پاڻ فرمايائون تہ (تنهنجو نئون نالو) تون هاڻي بشير آهين. (8)**

پاڻ ڪريم عليہ السلام هڪڙي ٻارڙي يهودي جي عيادت لاءِ ويا تہ کيس اسلام جي دعوت ڏنائون. جنهن سڪرات واري حالت ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ فوت ٿي ويو. حديث مبارڪ ۾ آهي: "ان النبى صلى الله عليه وسلم كان له جار يهودى لاباس بخلقه- فمرض، فعاد رسول الله صلى الله عليه وسلم فى اصحابه، فقال: اتشهد ان لا اله الا الله وان محمدا رسول الله صلى الله عليه وسلم فنظر الى ابيه، فسكت ابوه، وسكت الفتى- ثم الثانية، ثم الثالثة، فقال ابوه فى الثالثة: قل ما قال لك، ففعل ثم مات. فارادت اليهود ان تليه، فقال النبى صلى الله عليه وسلم: نحن اولى بكم، فغسله، وكفنه النبى صلى الله عليه وسلم، وحنطه وصلى

عليه" (9) نبي ڪريم عليہ السلام جي پاڙي ۾ هڪ معتدل يهودي رهندو هو. اهو بيمار ٿيو تہ پاڻ ڪريم عليہ السلام صحابہ ڪرام سان گڏ انجي عيادت لاءِ ويا ۽ کيس چيو تہ چا تون ڪلمو پڙهندي؟ هن پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو، جيڪو خاموش رهيو ۽ ماڻهن بہ خاموشي اختيار ڪئي. پوءِ پاڻ ڪريمن کيس ٻيو ۽ ٽيون دفعو ڪلمي شريف پڙهڻ لاءِ چيو. ٽين دفعي انکي پيءُ چيو جيڪو توکي (محمد ڪريم عليہ السلام) چوي ٿو اهو چو. پوءِ هن ڪلمو شريف پڙهيو ۽ فوت ٿي ويو. فوت ٿيڻ بعد يهودين انکي کڻڻ جو ارادو ڪيو تہ پاڻ ڪريم عليہ السلام کين فرمايو تہ هاڻي انتي توهان کان اسان جو حق وڌيڪ آهي. پوءِ کيس غسل ۽ ڪفن ڏنائون ۽ خوشبوءِ هڻي انجي جنازي نماز پڙهايائون.

جڏهن پاڻ ڪريم عليہ السلام حضرت معاذ رضہ کي يمن ڏانهن موڪليو تہ کيس هدايت ڪندي فرمايو تہ انهن کي دين جي دعوت ڏجانءِ "قال رسول الله صلى الله عليه وسلم لمعاذ بن جبل حين بعثه الى اليمن انك ستاتي قوما اهل كتاب فاذا جئتهم فادعهم الى ان يشهدوا ان لا اله الا الله وان محمدا رسول الله" (10) نبي ڪريم عليہ السلام جڏهن حضرت معاذ رضہ کي يمن وارن ڏانهن موڪليو تہ کيس هدايت ڪئي، توهان اهل ڪتاب وارن وٽ ويندو، انهن کي اسلام جي دعوت ڏجو ۽ کين چئجو تہ اهي هن ڳالهہ کي مڃن تہ الله تعالي کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود نہ آهي ۽ محمد (صلي الله عليہ وسلم) انجو رسول آهي.

**وفدن جي صورت ۾ ايندڙ ماڻهن کي اسلام جي تبليغ ڪرڻ:** نبي ڪريم عليہ السلام سان مختلف علائقن ۽ ملڪن جا ماڻهو وفدن جي صورت ۾ ملڻ ايندا هئا. جنهن ۾ نجران جو وفد، مزينہ قبلي جو وفد، عبدالقيس جو وفد، ضمام بن ثعلبہ جو وفد، بنو حنيفہ جو وفد، طيءِ جو وفد، ڪنده جو وفد، حمير ملڪ جو وفد، تجيب جو وفد، ثعلبہ جو وفد، بني سعد جو وفد، بني عدي جو وفد، بني اسد جو وفد، بني فزاره جو وفد، غسان وغيره جا وفد شامل آهن.

عبدالقيس جي وفد وارا پورا ڏهہ ڏينهن مدينہ منوره ۾ رهيا ۽ نبي

ڪريم عليہ السلام کان ان دوران مختلف سوال ڪندا رهيا. پوءِ اهي مسلمان ٿيا ۽ واپس پنهنجي ڳوٺ "جواثا" (11) موٽي ويا. هنن پنهنجي ڳوٺ ۾ وڃي جمع جي نماز شروع ڪئي جيڪا مدينہ منوره کان پوءِ ٻئي ڪنهن علائقي ۾ پڙهي ويندڙ پهرين جمع جي نماز هئي. جيئن حديث مبارڪ ۾ آهي:

"عن ابن عباس رضی اللہ عنہ انہ قال ان اول جمعة جمعت بعد جمعة فی مسجد رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم فی مسجد عبد القیس بجواثی یعنی قریة من البحرین"(12)

مزينہ قبيلي وارا بہ چار سو ماڻهو وفد جي صورت ۾ نبي ڪريم عليہ السلام سان مدينہ منوره ملڻ آيا ۽ سمورا اسلام جي شمع کان روشن ٿيا. (13)

ثعلبہ جي وفد وارن مان بہ چار ماڻهو اسلام جي دائري ۾ آيا. "وفد ثعلبة وفد علی رسول اللہ اربعة منهم مقرين بالاسلام" (14)

البتہ نجران وارن نبي ڪريم عليہ السلام جي زيارت ڪئي ۽ ملاقات جو شرف حاصل ڪيو پر اهي مشرف باسلام نہ ٿيا. (15)

سن 9 هجري ۾ سڀ کان وڌيڪ ماڻهو وفدن جي صورت ۾ پاڪ ڪريم عليہ السلام سان ملڻ آيا. جنهن ڪري انهيءَ سال کي وفدن جي اچڻ وارو سال چيو ويندو آهي. (16)

**بادشاهن کي اسلام جي تبليغ:** جڏهن هجرت بعد اسلام جي دائري ۾ وسعت آئي ۽ ڪيترين ئي جنگين ۾ ڪافرن کي شڪست ملي تہ اسلام جو دائرو وڌي ويو. خاص ڪري صلح حديبيہ کان پوءِ مسلمانن ۾ نئون اتساهہ پيدا ٿيو ۽ پاڪ ڪريم عليہ السلام دنيا جي سيني حڪمرانن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ واري ضرورت محسوس ڪندي کين اسلام جي دعوت ڏني. "ان النبی صلی اللہ علیہ وسلم کتب الی کسری والی قیصر والی النجاشی والی کل جبار، یدعوهم الی اللہ تعالی" (17) **پاڪ ڪريم عليہ السلام ڪسري، قيصر، نجاشي ۽ ٻين سمورن بادشاهن ڏانهن خط لکيا ۽ کين اسلام جي دعوت ڏني.**

شيخ محمد خضري وڌيڪ وضاحت ڪندي لکيو آهي: "بعد

رجوع المسلمين من الحديبية في أواخر سنة ست كاتب عليه السلام ملوك الارض يدعوهم الى الاسلام" (18) **صلح حديبيہ جي واپسي کان پوءِ سن ڇهہ هجري جي آخر ۾ پاڻ ڪريم عليہ السلام دنيا جي سمورن بادشاهن ڏانهن خط لکيا ۽ کين اسلام جي دعوت ڏني.**

جن بادشاهن (حاڪمن) ڏانهن پاڻ ڪريم عليہ السلام خط لکيا انهن ۾ فارس جو بادشاهہ ڪسريٰ، مصر جو بادشاهہ قيصر، حبشي جو بادشاهہ نجاشي، روم جو بادشاهہ هرقل، بصريٰ جو بادشاهہ. دمشق جو بادشاهہ حارث، بحرين جو بادشاهہ منذر، عمان جو بادشاهہ جيفان، يمامہ جو بادشاهہ هوذه وغيره شامل آهن.

پاڻ ڪريم عليہ السلام هرقل ڏانهن هيٺيون خط لکيو:

بسم الله الرحمان الرحيم

من محمد عبدالله و رسوله الى هرقل عظيم الروم- سلام على من اتبع الهدى اما بعد فاني ادعوك بدعاية الاسلام، اسلم تسلم يوتك الله اجرك مرتين- (19) **شروع الله جي نالي سان جيڪو مهربان آهي، (هيءُ خط) الله جي رسول محمد عبدالله جي طرفان، روم جي عظيم بادشاهہ هرقل ڏانهن. چاڻ گهرجي تہ مون توهان کي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو. اسلام قبول ڪيو ۽ سلامتي وارا ٿيو، توهان کي الله تعاليٰ ٻيڻ تي اجر عطا ڪندو.**

جڏهن حبشي جي بادشاهہ نجاشيءَ کي حضرت عمرو رضہ خط پهچايو تہ هن خط توڙي خط آڻيندڙ جي وڏي عزت افزائي ڪئي. "ولما وصله الكتاب احترمه غاية الاحترام" (20) **جڏهن نجاشي کي خط پهتو تہ هن خط جو بيحد احترام ڪيو.**

انهيءَ موقعي تي حضرت عمرو رضہ حبشي ڏانهن هجرت ڪري ويل ماڻهن کي چيو تہ اوهان مدينہ منوره ڏانهن موٽي هلو (21) ڇوتہ مدينو شريف هاڻي مسلمانن لاءِ امن جو شهر آهي.

پاڻ ڪريم عليہ السلام بحرين جي بادشاهہ منذر ڏانهن خط لکيو تہ خط ملڻ شرط ئي هن اسلام قبول ڪيو ۽ جواب ۾ لکيو تہ الله جا رسول! منهنجي ملڪ وارن مان ڪن اسلام قبول ڪيو آهي ۽ ڪي اسلام کي سمجهڻ کان انڪاري آهن ۽ هتي مجوسي ۽ يهودي بہ رهن ٿا

انهن لاءِ ڇا حڪم آهي؟

پاڻ ڪريم عليه السلام ڪيس لکي موڪليو ته: جيڪي يهوديت ۽ مجوسيت تي قائم رهڻ چاهين ٿا انهن کان جزيو وٺو ۽ ڪين پنهنجي مذهب تي رهڻ ڏيو.

بسم الله الرحمان الرحيم

اسلم انت فانی احمد اليك الله الذی لا اله الا هو اما بعد فان من صلی صلاتنا واستقبل قبلتنا. واكل ذبيحتنا. فذالك المسلم له ذمة الله وذمة الرسول من احب ذالك من المجوس فانه آمن، ومن ابی فان عليه الجزية۔

فاسلم وكتب فی رد الجواب

اما بعد يا رسول الله فانی قرات كتابك علی اهل البحرين فمنهم من احب الاسلام واعجبه ودخل فيه، ومنهم كرهه، وبارضی مجوس ويهود فاحدث الی فی ذالك الامر۔

(فكتب اليه السلام)

بسم الله الرحمان الرحيم

من محمد رسول الله الی المنذر بن ساوی عليك فانی احمد الله اليك الذی لا اله الا هو واشهد ان لا اله الا الله وان محمدا عبده ورسوله۔ اما بعد فانی اذكرك الله عزوجل فانه من ينصح ينصح لنفسه، وانه من يطع رسلی ويتبع امرهم فقد اطاعنی، ومن نصح لهم فقد نصح لی، وان رسلی قد اثنوا عليك خيرا، وانی شفعتك فی قومك فاترك للمسلمين ما اسلموا عليه، وعفوت عن اهل الذنوب فاقبل منهم، وانك مهما تصلح فلن نغيرك عن عملك، ومن اقام علی يهوديته او مجوسيته فعليه الجزية۔ (22)

**ترجمي جو خلاصو: شروع الله جي نالي سان جيڪو ڏاڍو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي، آءٌ احمد توهان کي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو. پوءِ جنهن اسان جي طريقي مطابق نماز پڙهي، اسانجي قبلي کي مڃيو، اسانجو ذبيحو کاڌو ته اهو مسلمان آهي ۽ انجو ذمو الله تعاليٰ ۽ انجي رسول تي آهي. پوءِ مجوسين مان جيڪو ان ڳالهه کي قبول ڪندو ته اهو امن وارو ٿي پوندو ۽ جيڪو انڪار ڪندو انکان جزيو ورتو ويندو.**

**پوءِ ان (منذر) اسلام قبول ڪيو ۽ جواب ۾ لکيو:**

**اي الله جا رسول! مون توهان جو خط بحرين وارن کي پڙهي ٻڌايو، انهن مان ڪير ائي اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ ڪن اسلام جي دعوت قبول ڪونه ڪئي.**

**هتي مجوسي ۽ يهودي به رهن ٿا انهن لاءِ ڇا حڪم آهي.**

**پاڻ ڪريم عليه السلام کيس خط لکيو:**

**الله جي نالي سان شروع جيڪو وڏو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي، الله جي رسول محمد طرفان، منذر بن ساوي ڏانهن. مان توهان جو خط پڙهيو، پوءِ جيڪو نصيحت اختيار ڪندو اها سندس ئي فائدي لاءِ آهي، مان توهان جي قوم لاءِ شفاعت جي دعا گهران ٿو. توهان وٽ جيڪي غير مسلم آهن انهن کي زور زبردستي سان مسلمان نه بڻايو، انهن مان جيڪو مجوسيت ۽ يهوديت تي قائم رهڻ چاهي ٿو ان کان جزيو وٺو.**

البته فارس جي بادشاه ڪسريٰ نبي ڪريم عليه السلام جي خط جو توهين ڪئي ۽ انکي ٽاڙي ڇڏيو.

جڏهن اها خبر پاڻ ڪريم عليه السلام کي پئي ته فرمايائون: الله تعاليٰ انجي بادشاهي جا ائين ٽڪرا ڪندو جيئن هن منهنجي خط جا ٽڪرا ڪيا آهن ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو ۽ فارس جي حڪومت ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي. (23)

**ڪافرن کي حملي کان پهريون اسلام جي دعوت ڏيڻ:** پاڻ ڪريم عليه السلام يا سندن صحابي سڳورا جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ اسلام جي نفاذ لاءِ داخل ٿيندا هئا ته جنگ کان پهريون انهن کي اسلام جي دعوت ڏيندا هئا. محدث محمد بن اسماعيل بخاري رحه پنهنجي ڪتاب "الجامع الصحيح البخاري" ۾ هڪ باب قائم ڪيو آهي: 'باب دعوة اليهود والنصارى وعلى ما يقاتلون" هن باب ۾ نبي ڪريم عليه لسلام جا اهي فرمان آندا ويا آهن جن ۾ حڪم ڏنو ويو آهي ته يهودين ۽ عيسائين کي جنگ کان پهريون اسلام جي دعوت ڏني وڃي.

پاڻ ڪريم عليه السلام جڏهن ڪنهن علائقي ڏانهن مجاهدن جو لشڪر موڪليندا هئا ته انهن کي هن ڳالهه جي تلقين (وصيت) ڪندا هئا ته. توهان جڏهن ڪنهن علائقي ڏانهن وڃو ته انهن کي ٽن ڳالهين جي پيش ڪش ڪريو. جيڪڏهن اهي ڪابه ڳالهه قبول نه ڪن ته پوءِ انهن سان جنگ ڪريو.

انهن تن ڳالهين ۾ سڀ کان پهريون واري ڳالهه آهي ڪين اسلام جي دعوت ڏيڻ. حديث مبارڪ ۾ آهي:

عن سلمان بن بريدة عن ابيه قال كان رسول الله صلى الله عليه وسلم اذا بعث اميرا على سرية او جيش اوصاه بتقوى الله في خاصة نفسه وبمن معه من المسلمين خيرا- وقال اذا لقيت عدوك من المشركين فادعهم الى احدى ثلاث خصال او خلال فايتها اجابوك اليها فاقبل منهم وكف عنهم- ادعهم الى الاسلام فان اجابوك فاقبل منهم وكف عنهم- ثم ادعهم الى التحول من دارهم الى دار المهاجرين واعلمهم انهم ان فعلوا ذالك ان لهم ما للمهاجرين وان عليهم ما على المهاجرين- فان ابوا واختاروا دارهم فاعلمهم انهم يكون كاعراب المسلمين يجري عليهم حكم الله الذي يجري على المومنين- فان هم ابوا فادعهم الى اعطاء الجزية فان اجابوك فاقبل منهم وكف عنهم- (24) **حضرت سلمان بن بريده ﷺ عنه پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو ته پاڻ ڪريم عليه السلام جڏهن ڪنهن لشڪر يا جٿي کي ڪنهن طرف موڪليندا هئا ته انجي (لشڪر) امير کي تقوي جي تلقين ڪندا هئا پنهنجي لاءِ پاڻ سان گڏ ساٿين جي ڀلائي لاءِ ۽ انکي فرمائيندا هئا ته جڏهن به مشرڪن مان ڪنهن (دشمن) سان ملو ته انکي ٽن شين جي دعوت ڏيو، اهي جيڪا به مڃين قبول ڪيو ۽ جنگ نه ڪيو.**

**(1) انهن کي اسلام جي دعوت ڏيو، قبول ڪن ته انهن سان جنگ نه ڪريو.**

**(2) انهن کي مسلمانن جي علائقي ڏانهن هجرت جي دعوت ڏيو ۽ کين ٻڌايو ته جيڪڏهن اهي هجرت ڪندا ته انهن کي مهاجرن وارا حق حاصل هوندا ۽ انهن تي اهي ذميواريون هونديون جيڪي مهاجرن تي آهن. جيڪڏهن هجرت کان انڪار ڪن ۽ پنهنجي علائقي ۾ رهڻ پسند ڪن ته انهن کي ٻڌاءِ، اهي عام مسلمانن وانگر هوندا. انهن تي الله تعاليٰ جا اهي حڪم جاري ٿيندا جيڪي عام مسلمانن تي جاري ٿين ٿا.**

**(3) جيڪڏهن انکان به انڪار ڪن ته کين جزيي (ٽيڪس) ڏيڻ جي دعوت ڏيو، قبول ڪن ته انهن سان جنگ نه ڪريو.**

(17) محدث مسلم بن حجاج. صحيح مسلم. جلد 2 صفحو 199. ناشر مڪتبه عليمي دهلي
(18) شيخ محمد الخضري. نوراليقين في سيرت سيد المرسلين. صفحو 218. ناشر ميرمحمد ڪتب خانه ڪراچي
(19) محدث محمد بن اسماعيل. الجامع الصحيح البخاري. جلد اول صفحو 5. ناشر قديمي ڪتب خانه ڪراچي
(20) شيخ محمد الخضري. نوراليقين في سيرت سيد المرسلين. صفحو 223. ناشر ميرمحمد ڪتب خانه ڪراچي
(21) ايضا
(22) ايضا صفحو 224-225
(23) ايضا صفحو 224
(24) محدث سليمان بن اشعث. سنن ابوداؤد. جلد اول صفحو 358. ناشر مڪتبه امداديه ملتان
(25) يمن جي اتر طرف هڪ جابلو علائقو آهي جنهن کي نجران چئجي ٿو
(26) مباحلي جو مقصد آهي ٻئي ڌريون پنهنجي اهل عيال سميت اچن ۽ پوءِ گڏجي دعا گهرن ته ٻنهي مان جيڪو ڪوڙو آهي الله تعاليٰ ان ٽولي کي خاندان سميت تباهه ۽ برباد ڪري
(27) سورت آل عمران آيت 61
(28) محدث يزيد بن ماجه. سنن ابن ماجه صفحو 40 ناشر قديمي ڪتب خانه ڪراچي
(29) محدث محمد بن اسماعيل بخاري. الجامع الصحيح البخاري. جلد ؟
(30) علامه بدرالدين عيني. عمدة القاري شرح صحيح البخاري. حصو 17 صفحو 267. ناشر مڪتبه سبحانيه ڪوئٽه